ڊاڪٽر آفتاب ابڙو /نذير احمد اوڊو

# سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ ثقافتي ورثي جو تحفظ

# PRESERVATION OF CULTURAL HERITAGE IN SINDHI CLASSICAL POETRY


## Abstract

Culture is a multi-dementia term; it is off course everything for any nation. The identity of a nation is determined by its cultural heritage. The cultural heritage of Sindh is very rich and well known to all over the world. Sindhi Cultural heritage has its hidden roots in the core of Mohenjo-Daro and many other archaeological sites of the land. Bull, cart, ornaments, seals, samples and scripts found from archaeological sites of Sindh are evidence of rich Sindh in the fields like language, literature, healthy society and religious harmony. Sindhi language is one of the ancient languages of the sub-continent. Its classical and folk lore has cultural diversity and depiction of the people of the land. Classical poets of Sindh have sung songs of rich cultural heritage of the soil. The poetry of Shah Abdul Latif Bhiat and many other classical poets is safeguards of Sindhi language and cultural heritage.

The research paper under question deals with elements and themes of cultural heritage in Sindhi classical poetry. Many examples have been cites from famous poets of Sindhi language. Old trends, traditions, values, communities, skills, man-made ornaments, toys and many other cultural aspects are being discussed in the research paper.


انساني سماجي تاريخ ۾، ثقافت (Culture) هڪ وسيع معنيٰ رکندڙ جامع لفظ آهي جيڪو ڪنهن قوم يا قبيلي جي سماجي، اخلاقي، ذهني، فني، پيداواري صلاحيتن ۽ خاصيتن جي وضاحت ڪري ٿو. سگهاريون ثقافتون حالتن ۽ ماحول مطابق پنهنجن قدرن ۽ اهڃاڻن ۾ نواڻ ۽ قيرقار آڻينديون رهنديون آهن. جڏهن ته انهن جا بنيادي محور ساڳيا هوندا آهن.

ثقافت جي حوالي سان نالي وارو محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته: ”ثقافت هڪ حقيقت آهي، جا انسانذات جي خواهشن ۽ ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ وجود ۾ آئي آهي. ثقافت فرد کي منظم گروهن ۾ بدلائي ٿي ۽ گروهن کي قومن ۾ تبديل ڪري ٿي، اُنهن لاءِ رسمون ۽ رواج مقرر ڪري ٿي ۽ هر فرد کي انهن قانونن، رسمن ۽ رواجن کي قبول ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي“.

ڊاڪٽر بلوچ، ثقافت کي پنجن حصن ۾ تقسيم ڪري ٿو، اُهي آهن:” (1) جاگرافيائي حالتون، (2) تاريخ (3) انسان جي مختلف نسلن جي ارتقائي تاريخ (4) ٻولي ۽ (5) ماڻهن جو مذهب.

ثقافت جي انهن جزن کان متاثر ٿي، ماڻهن پنهنجي زندگي گذارڻ لاءِ جيڪي وسيلا اختيار ڪيا آهن. کاڌو خوراڪ، لباس، رهڻي ڪهڻي، ريتون رسمون ۽ رواج، روحاني ۽ مذهبي لاڙا، پروسا، وهم ۽ سنسا، انهن ۾ خاص اهميت رکن ٿا ۽ اهي ثقافت جي دائري ۾ اچن ٿا.“(1)

سنڌي ٻولي ۽ لسانيات جو هاڪارو عالم ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب لکي ٿو ته: ”انسان ذات جي رهڻي ڪهڻيءَ، اُٿڻيءَ ويهڻيءَ ۽ روزمره جي زندگيءَ جو سڀ کان اعليٰ رڪارڊ ۽ خزانو، هر دور ۾ ٻولي ئي رهي آهي . جيئن جيئن ڪنهن قوم جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ ۽ سماجي قدرن ۾ فرق ايندو آهي، تيئن تيئن انهيءَ ترقيءَ ۽ تبديليءَ جو اثر اُن قوم جي ٻوليءَ تي پڻ ٿيندو رهندو آهي. اُن قوم ۾ پڻ ترقي ۽ تبديلي آئي آهي، اُن ۾ اضافو پڻ ٿيو آهي. اهڙيءَ طرح دنيا جو اهو وهنوار هر دؤر ۾ جاري رهيو آهي ۽ جاري رهندو ايندو. يقيناً ٻوليءَ جو علم، علم الانسان سان واسطو رکي ٿو. ٻوليءَ جو مطالعو ڪنهن قوم، ڪنهن سماج، ڪنهن تهذيب ۽ تمدن جو مطالعو آهي، ڇاڪاڻ ته ٻولي، انساني عمل جي پيداوار آهي. ٻوليون مٿلن ماڻهن جي هڏين مان نه پر زنده ماڻهن جي روزمره جي زندگيءَ مان اُپريون ۽ اُسريون آهن. انهيءَ لحاظ کان هيئن چئي سگهجي ٿو ته: ”ٻولي، قومن جي زندگيءَ، ثقافت ۽ رهڻيءَ ڪهڻيءَ جو آئينو آهي. ٻوليءَ جي تاريخ ۾، قومن جي زندگيءَ جي تاريخ لڪل ۽ سمايل هوندي آهي.“(2)

انهيءَ سوچ جي حوالي سان، سنڌي ٻوليءَ جو مهان محقق محترم سراج الحق ميمڻ لکي ٿو ته:

”تمدني طرح ڏٺو وڃي ته اتر هندستان جو ويدڪ تمدن، موهن جي دڙي جي تمدن جي ئي هڪ صورت آهي، جا هتان اوڏانهن پهتي. ويدن جي عمر ڪيتري به تصور ڪئي وڃي پر ويدن ۾ جيڪي تمدني اهڃاڻ آهن، انهن جي بنياد تي چئجي ٿو ته اهي خصوصيتون سنڌ مان اُتي پهتيون ۽ ان ئي بنياد تي ثابت ڪري سگهجي ٿو ته آرين جو ٻاهران اچڻ فقط هڪ يورپي اختراع آهي، جنهن جي

پسمنظر ۾ جرمن نسلي امتياز جهاتيون پائي رهيو آهي. اهو سچو آريائي فلسفو هڪ جرمن، ٻولي وگيان جي ڄاڻوءَ مئڪس ملر شروع ڪيو. جنهن سڀ کان پهرين لفظ ”آريا“ استعمال ڪيو هو. مئڪس ملر ويدڪ ساهت جو هڪ حصو ترجمو ڪيو، ۽ اڳي جن ٻولين کي هند-يورپي (Indo-European) ۽ هند- جرمنڪ ٻولين سڏيو ويندو هو، تن کي هاڻي آريائي ٻوليون سڏڻ لڳا.“(3)

سنڌي قوم، تهذيب ۽ تمدن جي حوالي سان تمام ڏگهو تاريخي پسمنظر رکي ٿي. ان جون پاڙون موهن جي دڙي واريءَ تهذيب ۾ کتل آهن، جنهن جا آثار اڄ به هٿ جي هنرن، پاڻيءَ جي بهتر فراهمي ۽ نڪاسي، فن عمارت سازي، صنعت ۽ واپار سان لاڳاپيل ماهرن لاءِ اڄ جو سامان مهيا ڪري رهيا آهن. اها هڪ تاريخي حقيقت آهي ته سنڌي قوم پنهنجي تهذيبي ورثي جي هزارين سالن کان سنڀال لهندي پئي اچي ۽ پنهنجين ثقافتي شين کي تحفظ فراهم ڪندي پئي اچي. اها به حقيقت آهي ته ان جي تهذيبي ۽ ثقافتي ڌارا ۾ ڪڏهن به وٿي نه آئي آهي. تاريخي وهڪري ۾ هتي ڪيترائي ڌاريا قبيلا آيا، جن ڏاڍ جي زور تي پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت نافذ ڪرڻ پئي گهري پر پوءِ وقت پڄاڻان، اهي پنهنجن چند آثارن سان گڏ، هن شاهڪار سنڌو تهذيب ۾ شامل ٿي ويا. سنڌن انفرادي ڳڻن/اوڳڻن جو ڪٿي به ذڪر نه آهي.

تاريخدان (Historian) قديم آثارن جا ماهر (Archaeologists) انساني ارتقا جا ڄاڻو (Anthropologists) ان ڳالهه تي متفق آهن ته سنڌو تهذيب ۾ تاريخي طور هڪ تسلسل قائم رهيو آهي. البت لکت توڙي ٻوليءَ ۾ ٿورو گهڻو فرق آيو آهي، جيڪو هڪ فطري عمل آهي.

موهن جي دڙي مان مليل ڏاند گاڏيءَ جو لڳ ڀڳ ساڳيو نمونو اڄ به اسان وٽ استعمال هيٺ آهي. ٿيڻن جي گهڙت، سرائي، ٺنيري، ارا، ڪلا، منجو ۽ درا ساڳيا آهن. اهڙيءَ طرح ٺڪر جي ٿانون ۾ به حيرت وجهندڙ هڪجهڙائي آهي. اناج رکڻ لاءِ گنديڙا، پاڻيءَ جا مٽ، ٺيا، ڪوئنرا، اڄ به ڳوٺن ۾ ساڳي ڪارج لاءِ استعمال ٿين ٿا. موهن جي دڙي وارن مٽيءَ جي ٿانون ۽ اڄوڪي نهائين/ آويءَ ۾ پڪل ٿانون جي نه صرف گهڙت هوبهو ساڳي آهي، پر انهن تي چٽسالي به ساڳي آهي. ڏسو موهن جي دڙي مان مليل ٿانون تي نڪتل چٽ:



انهن ٽانون ٽپن کي ان دور ۾ ڳهڙن نالن سان سڏيو ويندو هو ۽ استعمال لاءِ ڪهڙا اصطلاح ڪتب ايندا هئا، ان لاءِ خاطريءَ سان تڏهن ئي چئي سگهبو. جڏهن سنڌو لکت (Indus Script) کي صحيح معني ۾ پڙهيو ويجي. ان جي پاڄ (Decipherment) لاءِ ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ ڪوششون هلندڙ آهن، پر اجا تائين لکتن جا ماهر ڪنهن نوس نتيجي تي نه پهتا آهن.

قديم آثارن ۽ اهڃاڻن جي حفاظت (Conservation) سان گڏ، ثقافتي شين (Cultural Items) جو تحفظ (Preservation) به بنهه ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته انهن مان ڪجهه شين جو استعمال اڄ جي دور ۾ گهٽجندو پيو وڃي. جيئن: جنڊ، نار، هر، ڇڄ، اکري مهري، ٽيا، ڏاڪون وغيره. ذڪر ڪيل شين ۽ انهن جي پرزن جي نالن ۽ استعمال کي جديد انداز ۾ فوٽن/اسڪيچن وسيلي محفوظ ڪرڻ جي گهڻي ضرورت آهي.

اسلامي تعليم مطابق 'زبانون' قدرت جي ميراث آهن، انهن کي مناسب نموني محفوظ رکڻ/اجاگر ڪرڻ هر باشعور فرد جو فرض آهي، جهڙيءَ طرح قدرتي جڙين ٻوٽين کي تحفظ ڏيڻ لاءِ تاڪيد ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته قدرت جي هر شئي ۾ ڪا نه ڪا حڪمت رکيل آهي پر اسان ان کي سمجهڻ ۾ ڪوتاهي ڪيون ٿا. اسان کي ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته سنڌي لفظن، اصطلاحن ۽ محاورن ۾ هزارين سالن جي سوچ، فڪر ۽ فهم سمايل آهي، جنهن کي پرکڻ جي ضرورت آهي. ٻوليءَ جا ماهر ته ايترو به چون ٿا ته لفظ جاندار حيثيت رکن ٿا. اهي اسان کي کلائي، روئاري ۽ خاموش ڪرائي سگهن ٿا. وقت پڄاڻا اهي مري وڃن ٿا ۽ نوان لفظ جنم وٺن ٿا.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي شعوري ڪوشش سان هڪ طرف مختلف خطن، قبيلن جي خاص لفظن کي پنهنجي رسالي ۾ جاءِ ڏيئي اَمر ڪيو آهي ته ٻئي طرف مختلف هنرن، ڌنڌن ۽ ڪرتن جي مخصوص لفظن، محاورن ۽ اصطلاحن کي سنڌن سماجي ڪارجن جي حوالي سان اثرائتي انداز ۾ بيان ڪري، کين محفوظ بنائي ڇڏيو آهي. بيتن ۾ اهڙين ڪيترين ئي شين جو ذڪر آهي. انهن مان ڪيتريون ئي شيون هاڻي گهڻي ڀاڱي استعمال هيٺ نه آهن، جن کان اڄ جو نوجوان طبقو ناواقف آهي. ان ڪري هڪ طرف اڄ جي نوجوان نسل کي پنهنجي تهذيبي ورثي کان واقف ڪرائڻو آهي ته ٻئي طرف ڪلاسيڪي ورثي خاص طور شاهه سائينءَ بابت ايندڙ نسلن کي پڻ آگاهه ڪرڻو آهي. هتي رسالي مان ٻه چار مثال پيش ڪجن ٿا: جنڊ جي مڪيه پرزي "ڪير" جو ذڪر ڪندي شاهه صاحب فرمائي ٿو ته:

**"سيئي رهيا سالم، جي قائم رهيا 'ڪير' سان".**

اهو ڪِيرُ ڇا آهي؟ ان جو جنڊ ۾ ڪهڙو ڪردار آهي. ان جي وضاحت هيٺ ڪجي ٿي:

ڪير جنڊ جو مکيه پرزو آهي، جيڪو هيٺين پٿر جي پڙ جي وچ ۾ مضبوطيءَ سان لڳايو ويندو آهي. هڪڙي وسيلي مٿئين پڙ جو آڌار 'ڪير' تي هوندو آهي. ڪير وٽ مٿئين پڙ ۾ ٻه خول ٺاهيا ويندا آهن، جن وسيلي اَنَ جي ٻُڪي جنڊ ۾ وڌي ويندو آهي. هيٺيون پڙ جيئن ته لهوارو هوندو آهي. ان ڪري ڏاٽا پاڙ مرادو هيٺ لهندا پيسجندا ويندا آهن. البت جيڪي داڻا ڪير جي لڳ هوندا آهن، سي پيهجڻ کان رهجي ويندا آهن، اُهي سالم رهندا آهن.

ان کان علاوه شاهه سائين 'ڪير' جون ٻيون معنائون به ٻڌائي ٿو:

**"جوڙي جُنگ جهاز کي ڪوڙ هٽائج 'ڪير'".** (سر سريراڳ)

**"آڏا آڏي 'ڪير'، گهٽ به جهليا گهاتوئين"** (سر گهاتو)

**"پيڪڙا پيرن ۾، ڪوٽين اندر'ڪير'"** (سر مارئي)

**"ڪوڙ هٽائج ڪير"**

شاهه صاحب سر سَريراڳ ۾ ويسلي وڻجاريءَ کي تنبيهه ڪندي چئي ٿو ته تنهنجا ساٿي سفر تي هلڻ جي ڪن ٿا، تون به پنهنجي جهاز کي شوق مان ڪي ڪوڪا ۽ ميخون هٽائج ته جيئن اَوکي سفر ۾، توکي ڪا تڪليف نه اچي.

**"آڏا آڏي ڪير"**

سر گهاتوءَ ۾ شاهه صاحب فرمائي ٿو ته اي مڇ جڏهن پاڻي تار هيو ته تون نه موٽئين، هاڻي جڏهن پاڻي ٽانگهو ٿيو آهي ته ملاحن تنهنجي مارڻ لاءِ گهاٽن تي ڪلاڪوڙي جڏيا آهن ۽ تنهنجي واٽ جهليو وينا آهن.

**"ڪوٽين اندر ڪير"**

سر مارئيءَ ۾ شاهه صاحب مارئيءَ لاءِ تيار ڪيل قيد بند جي صعوبتن جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو ته ان کي ڳچيءَ ۾ لوهه جا ڳانا آهن، جيڪي زنجيرن سان جڪڙيل آهن. پيرن پيڪڙا يا پيرن ڪڙيون وڌل آهن ۽ اونداهين ڪوٽين ۾ وڏا ڪير يا ڪلا ڪتل آهن، جن ۾ اهي لوها زنجير ٻڌل آهن.

اهڙيءَ طرح نهائين (آئي) جي ڪارج جو تفصيل سان ذڪر ڪرڻو پوندو: چاڪاڻ ته اتان دانگي، دکي، دلو، ڍڪڻ ۽ ٻيا عام واهپي جا ٿانوَ تيار ٿين ٿا، جن جو ذڪر اسان جي اَساسي شاعرن: شاهه ڪريم، قاضي قادن، ميين شاهه عنات، شاهه لطيف ۽ ٻين ڪيو آهي. جيئن ته شاهه سائين انتهائي سمجهداريءَ سان ثقافتي شين، قدرن، اهڃاڻن ۽ لفظن کي پنهنجي رسالي ۾ محفوظ ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح

اسان تي به لازم آهي ته شاهه سائينءَ جي رسالي ۾ محفوظ ٺيٺ لفظن کي انهن جي ڪارج ۽ صحيح استعمال سان اجاگر ڪريون. مثلاً گهڙو جنهن کي 'دلو' ۽ ٻئيءَ صورت ۾ "ٻهڙو" به چيو ويجي ٿو. ان جو ڪارج صرف پاڻي رکڻ نه آهي، پر ان وسيلي واهه ۽ ترڻ به سگهجي ٿو. شاهه صاحب گهڙي لاءِ به ڪيترائي لفظ استعمال ڪيا آهن، جهڙوڪ: آڪو، آڪو، آنڪو، پيلو، پڪو، دلو، رءِ، سُپڪ، ڪچو، نيچ/نيچ، وغيره. اهي نالا گهڙي جي مختلف قسمن ۽ ڪيفيت جي نشاندهي ڪن ٿا. جن جو گهٽي پاڻي ذڪر سر سهڻيءَ جي مختلف داستانن ۾ ڪيو ويو آهي.

## گهڙو- Water Vessel



**پسمنظر:** انساني جياپي جو آڌار پاڻيءَ، باهه ۽ هوا تي آهي. انسان جڏهن غارن ۾ رهندو هو، تڏهن به جبلن مان نڪرندڙ چشمن جو پاڻي ڪنهن ڪڏ ڪوبي ۾ گڏ ڪندو هو ته جيئن اج لڳڻ وقت استعمال ڪري سگهي، پوءِ جڏهن ڪنهن جهوپڙي ۾ رهڻ لڳو ته ڪيس گهر ڀيڙو پاڻي رکڻ جو بندوبست ڪرڻو پيو. ڪنيارڪي ڪرت هزارين سال اڳ جي آهي. گهريلو استعمال جون سڀ شيون اڳ ۾ ڪنيار ئي ٺاهيون. موهن جي دڙي مان پڻ اسان کي اهي سڀ شيون ملن ٿيون، جنهن ۾ ڪُني، گهڙو، گُندڙو، ٺيو، مٽ، ڪؤنرو وغيره اچي وڃن ٿا. حيرت جي ڳالهه اها آهي ته اج به مٽي ذڪر ڪيل مٽيءَ جي ٿانون جي گهڙت ۽ چٽسالي تقريباً ساڳي آهي.

**رسالي ۾ استعمال:** شاهه صاحب سر سهڻيءَ ۾ 'گهڙي' جو ذڪر جهجهو ڪيو آهي:

> گهڙو ڀڳو مُند مُئي، وسيلا وئا،
> تنهان پوءِ سُئا، سهڻيءَ سڏ ميهار جا.
>
> *(سهڻي-1)*

**سمجهاڻي:** گهڙو عام طور گهرن ۾ پاڻي ڀري رکڻ لاءِ استعمال ٿيندو آهي. هڪ ته کُهي يا نلڪي مان ڀريل پاڻيءَ ۾ جيڪا ٿوري گهٽي مير هوندي آهي، اُها مٽي پاڻ چڪي وٺندي آهي، ٻيو ته گهڙن کي ٻاهران لڳندڙ هوا ڪري، پاڻي ٿڌو رهندو آهي. انهيءَ اصول کي ذهن ۾ رکندي موجوده دور ۾ ڪيترن ئي ڪمپنين واٽر فلٽر (Water Filter) ٺاهيا آهن.

سهڻي ميهار قصي ۾، جيئن اسان ڄاڻو ٿا ته سهڻي رات جو گهران گهڙو

ڪٽي ميھار سان ملڻ لاءِ ترڻ طور ڪتب آڻيندي ھئي. اھو گھڙي جو ٻيو استعمال آھي. ان حوالي سان تقريبا سيني ڪلاسيڪي شاعرن جي بيتن ۾ گھڙي جو ساڳيو استعمال ڏيکاريو ويو آھي، البت ڪيفيت تبديل ٿيل آھي.

مٿئين بيت ۾ شاھ سائين فرمائي ٿو تہ سھڻيءَ جو گھڙو جڏھن وچ سير ۾ ھو تہ پاڻيءَ جي تک سبب، ٻيو تہ اھو اتفاق سان ڪچو ھو، انڪري ڀڄي پيو. جنھن ڪري سھڻي ٻڏي ويئي. وٽس ٻيو ڪوبہ وسيلو نہ ھو. جڏھن رڙيون ڪندي پساھ پورا ٿي ڪيائين تہ پوءِ ڪيس ميھار جا پھچڻ وارا سڏ ٻڌڻ ۾ آيا.

'اَڪي' يعني ڪچي گھڙي لاءِ ڪن ھنڌن تي 'اَنڪو'، 'آڪو' ۽ ڪج ڪُنو بہ استعمال ٿيندو ھو. شاھ صاحب اھو لفظ بہ استعمال ڪيو آھي.

**"آڪي جو احوال معلوم ٿيو مھراڻ ۾"**

گھڙي کي اتر سنڌ ۾ 'دلو' چون. ان جي ننڍي صورت کي 'دلي' ۽ اجا بہ ان جي ننڍي صورت کي دلڙي چون. دلو شاھ صاحب ھن طرح استعمال ڪيو آھي.

**"ڪنڌيءَ پر ڪلا، دونھان دوست ميھار جا،**
**لھرن ۾ لطيف چئي دھلج ڪيمَ دلا**
**متان ڪا گلا، ساھڙ سُمَنَ جي ڪري."**

گھڙي جي وڏي صورت 'مَٽَ' ٿئي. ان ۾ تقريباً ٻن دلن جو پاڻي اچي وڃي. مَٽَ عام طور اوطاقن، اوتارن، درگاھن، لانڍين يا وري مسافر خانن ۾ رکيا ويندا آھن تہ جيئن مسافر مَڙو اتان پاڻي پي دعا ڪري. شاھ صاحب فرمائي ٿو:

**"جَني گھرِ گھٽ مٽ، سرلي سونھن سي،**
**جي ھيون وانڍيون ورن ري، تن کي مينھن سڄڻ ميڙيا."**
*(سارنگ-4)*

**سمجھاڻي:** جنين جي گھرن ۾ مَٽ ھئا، جھڙ جي موسم ۾ سھڻا ٿي لڳا، چاڪاڻ تہ اھڙيءَ موسم ۾، جي وانڍيون (ورن کان سواءِ) ھيون تن وٽ بہ سڄڻ اچي ويا آھن.



**مٽن:** مان ھڪ ٻيو ڪم بہ ورتو ويندو ھو. جو اُھي شراب چڪائڻ لاءِ استعمال ٿيندا ھئا. شاھ صاحب فرمائي ٿو:

**راڻا پسان نہ راج ۾، ھئي جني ھاڪَ،**
**محلي مير مقيم جي، مٽن اٿي ماڪَ،**
**ھو جي پرھ پياڪ، سي لوڙي وڃن لڏيون.**
*(سر راڻو-7)*

’متن اُني ماڪ‘ محاورو آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ته مٽ ڪنڌائتا يا تلها پيا آهن. يعني اڄڪلهه متن ۾ شراب ڇڪائڻ وارو ڪم بند ٿي ويو آهي ۽ انهن تي ماڪ پئي پَئي!

مٽ جي جنس جو هڪ ٻيو ٿانءُ ٿئي: ’ماٽي‘ ۽ ڏکي جنهن کي ’چاڏي‘ به چيو وڃي ٿو. ان ۾ وري کير جمائي صبح جو ولوڙيو آهي، جنهن مان لسي ۽ مکڻ ڏار ٿي ويندا آهن. شاهه صاحب فرمائي ٿو:

**منڊ تي منڊل وڃئا، آيو جهڙ جهاتي،**
**هيڪ ارزان ان ٿِئو ٻيو مکڻُ منجهه ماٽي،**
**ڪلمي سين ڪاٽي، لاٿم ڪس قلوب تان.**
*(سر سارنگ-2)*

گهڙي جي ٻِٽي صورت کي ’ٻهڙو‘ چيو ويندو آهي. عورتون پري پنڌ ڪري، گهڙي مٿان گهڙو رکي، پاڻي ڀري ايندبون آهن. انکي ’ٻهڙو‘ چيو ويندو آهي. شاهه ڪريم پنهنجي رسالي ۾ فرمايو آهي ته

**پاڻيهاريءَ سِرِ ٻهڙو، جرَ تي پڪي جيئن،**
**اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾.**



سمجهاڻي: جهڙيءَ ريت پاڻي ڀرڻ واريءَ عورت جي مٿي تي ٻه گهڙا آهن، انهن جي بار سبب مٿي ۽ گهڙي جي وچ ۾ ڪا وٿي نه آهي، جهڙيءَ ريت تلاءَ ۾ ترندڙ پڪي ۽ پاڻيءَ جي سطح ۾ ڪا وِٿي نه آهي، اهڙيءَ طرح اسان جو سڄڻ اسان سان ٻِٽ آهي.

ان دور ۾ ڪي پورهيت عورتون ٽڪن تي دلا ڀريندبون هيون. انکي به ’پاڻهياري‘ چيو ويندو هو. جنهن جي وضاحت شاهه ڪريم هن ريت ڪئي آهي:

**پاڻيهاري سيڪا، جا سِر گهڙو ڏري،**
**ڪالهه سندي سڄڻي، ڪا پورهي لاءِ ڀري.**

گهڙي يا دلي جو هڪ ٽيون استعمال به آهي. سموريءَ سنڌ ۾ انکي ڍولڪ طور وڄايو ويندو آهي.

محترمه زهره يوسف سنڌ جي موسيقيءَ تي انگريزي ٻوليءَ ۾ هڪ ڪتاب سهيڙيو آهي. ”Rhythems of Lower Indus“ جيڪو 1988ع ڌاري سنڌ ثقافت کاتي شايع ڪيو هو. ان جو سنڌي ترجمو ”سنڌي موسيقي جا سر تار“ شيخ خليل

الرحمان ڪيو آهي. جنهن کي 2011ع ۾ ساڳي ڪاتي پاران شايع ڪيو ويو آهي. جيڪو ڊاڪٽر خليل الرحمن شيخ ڪيو آهي، ان ۾ گهڙي بابت لکيل آهي ته ”دهل وانگر دلو يا گهاگهر ترنم پيدا ڪندڙ اوزار آهي. دلي جي مختلف قسمن کي هٿ جي آڱرين سان چرپر ڏني ويجي ٿي. هڪ هٿ دلي يا گهاگهر جي منهن تي ۽ ٻيو هٿ پاسي وارين جاين تي هنيو ويجي ٿو. روايتي طور دلي يا گهاگهر کي يڪ تاري جي سنگت ۾ وڄايو ويجي ٿو. سڄيءَ سنڌ ۾ دلي ۽ گهاگهر وڄائڻ وارا موجود آهن. جن مان ڪجهه مشهور ماهر آهن، جهڙوڪ منو خان وغيره. جنهن کي هٿن جي استعمال تي مڪمل عبور حاصل آهي.“(4)



## کوهه Well

**پسمنظر:** انسان اوائلي دور ۾ ڪڏن کوهن مان ٻڪ ڀري پاڻي تي پيتو. آهستي آهستي ترقي ڪيائين ته هر بنيادي ضرورت جو اونو ڪيائين. کوهه به سنڌس انهيءَ اورچائيءَ جو نمونو آهن. موهن جي دڙي واري سڌريل دور ۾ اسان کي ڪيئي کوهه ۽ کهيون کوٽائيءَ دوران نظر اچن ٿيون، جن جو بنيادي مقصد اهو آهي ته ضرورت وقت انسان بوڪن ۽ ڏولن وسيلي پاڻي ڪڍي استعمال ڪري. اوائلي دور يعني 3000 ق.م ۾ کوهه اسان کي زراعت لاءِ استعمال ٿيندي نظر اچن ٿا. بقول محمد حسين پنهور جي ته ”ان دور ۾ نار وسيلي پاڻي ڪڍي هلڪي پيماني تي کيتي ٻاڙي ڪئي ويندي هئي. هن وقت کوهن مان نار وسيلي پوکي تمام گهٽ ٿئي ٿي، جتي بجلي دستياب آهي، اتي موٽرن ۽ ٽيوب ويلن ذريعي پاڻي ڪڍي زرعي آبادي ڪئي ويجي ٿي. باقي جانورن توڙي انسانن لاءِ پاڻي کوهن ۽ کهين مان بوڪن ۽ ٻاتلين وسيلي ڪڍيو ويجي ٿو.

هينئر نهري آبپاشي نظام وسيلي سنڌ ۾ سواءِ ٿر ۽ ڪاڇي جي پاڻي جام آهي، انڪري ان جي زميني سطح (Water Level) به مٿاهين آهي. هن وقت 15-20 فوٽن تي پاڻي نڪري اچي ٿو. ات نلڪا استعمال ڪيا وڃن ٿا ۽ کوهه به کوٽيا وڃن ٿا. ڪن هنڌن تي موسمن کي سامهون رکندي 40-50 فوٽن تائين کوهه کوٽيا وڃن ٿا.(5)

ان جي برعڪس ٿر ۾ انهن جي اونهائين گهڻي ٿئي ٿي. ان ڏس ۾ ڪاڪو ڀيرومل لکي ٿو ته ”ڪن ڪن هنڌ کوهه تمام اونها هوندا هئا. اتفاق سان، جيڪڏهن ڪو ماڻهو انهن ۾ ڪري پوندو هو. ته ٻين جي مدد کانسواءِ نڪري ڪين سگهندو هو. اهڙا اونها کوهه اڄ به سنڌ ۾ ڪيترن هنڌن، خاص ڪري ٿر ڊويزن ۾ آهن. گڏڙي تعلقي چاچري ۾ ’سانيڪا‘ يعني سٺ پرهه اونها يا سٺ مڙسن جي ڊيگهه جيڏا اونها

ڪوهہ آهن. هڪ پرهہ لڳ ڀڳ 5 فوٽن برابر ٿئي. بقول پٺاڻي جي "سنجن سائيڪن تي وڏي ويل وهون." (6)

شاهہ صاحب جي شاعريءَ جي حوالي سان، ڪوهہ تاريخي حيثيت رکي ٿو، جو عمر - مارئي قصي جي ابتدا ئي ڪوهہ سان ٿئي ٿي. مارئي پنهنجي ساهيڙين سان گڏ، دلا ڀرڻ لاءِ ڳوٺ ڀالوا ۾ ڪوهہ تان پاڻي ڀرڻ آئي هئي. جتان عمر بادشاهہ کيس کڻي ڪٽي وڃي ڪوٽ ۾ قيد ڪيو هو.

**رسالي ۾ استعمال:** جيئن مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي تہ شاهہ صاحب 'ڪوهن' جو ذڪر مارئيءَ واري سر ۾ ڪيو آهي، ڇاڪاڻ تہ مارئيءَ جو قصو ڪوهہ سان لاڳاپيل آهي. هڪ هنڌ فرمائي ٿو تہ:

**عمر ٿئم اپار ورهہ وئينديس ڪن سين،**
**سي ڏوٿيڙا ڏور ٿيا، ٿڳان جن ٿنوار،**
**سٽائون سنگهار، ڪوهن تان ڪٽي ويا.**

سمجهاڻي: مارئي عمر کي ٿي چئي تہ مارن جي جدائيءَ ۾، مونکي ڏاڍا ڏک رسيا آهن، هاڻي مان تنهنجي ڪوٽ ۾ ويهي اهي سور ڪنهن سان سليان. جن جي ذڪر سان مان پنهنجو پاڻ کي خوش رکندي هيس، سي ڏوٿي ڏور ٿي ويا آهن. انهن ڪوهن تان پنهنجا پڪڙا بہ پٽي ڇڏيا آهن، اهي ڪنهن ٻيءَ وس وڃي رهيا آهن.

ڪوهن جي حوالي سان اسان وٽ مختلف پهاڪا ۽ چوڻيون بہ آهن؛ جيئن:

**"ڪوهن ۽ ماڻهن جا وات ڪنهن بہ بند نہ ڪيا آهن."**

يعني جيڪا ڳالهہ هُلي وڃي ٿي، انکي ڪوبہ روڪي نہ ٿو سگهي. عوام آڏو نہ سهي پر پنهنجي ليکي هر ڪو وينو پُٽي. ساڳيءَ طرح ڪوهن جا منهن بہ ڪنهن بند نہ ڪري سگهيا آهن.

**ڪوهہ ۾ ڦٽو ڪرڻ**= آس اميد لاهي ويهڻ، ظالمن جي حوالي ڪرڻ.

**ڪوهہ ۾ ٽپو ڏيڻ** = جوکي جو ڪم ڪرڻ، جوکم کڻڻ.

**ڪوهہ جي مٿي ڪوهہ کي لڳڻ** = جنهن مد ۾ آمدني ٿئي، تنهن مد تي خرچ ٿيڻ.

**ڪوهہ جو ڏيڏر** = اياڻو، بيوقوف. جيڪو هڪ ڪوني ۾ وينو هجي ۽ دنيا جهان جي کيس خبر ئي نہ هجي!



**هر- Plough**

پسمنظر: سنڌ قديم دورن کان وٺي زرعي ملڪ رهيو آهي. ان ڏس ۾، موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ جو

انچارج ۽ قديم آثارن جو ماهر سر جان مارشل لکي ٿو تہ: ”موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جهڙا ڳتيل آباديءَ وارا وڏا شهر پنهنجو وجود برقرار رکي ڪونہ سگهن ها، جيڪڏهن وٽن جهجهي مقدار ۾ زرعي اپت ۽ سنڌو جهڙا درياھ نہ هجن ها. سنڌ ۾ ان وقت بہ ڪڻڪ، جَوَ ۽ ٻيون جنسون سٺي مقدار ۾ اپايون وينديون هيون، جنهن جا آثار موهن جي دڙي مان مليا آهن. جڏهن تہ سنڌو درياھ وسيلي ڪين زرعي پيداوار لاءِ مناسب پاڻي، آمدرفت جا وسيلا ۽ واپار جون سهولتون ميسر هيون“.(7)

سنڌو درياھ، سنڌ کي سڪيو ۽ شاداب رکڻ ۾ نهايت اهم ڪردار ادا پئي ڪيو آهي. قدرتي ڦاٽن وسيلي سنڌ ۾ نهري نظام 3700 ق م کان قائم هو. ان بابت سنڌ جي مشهور محقق ۽ آبپاشي جي ماهر محمد حسين پنهور جي راءِ آهي تہ ”سنڌو تهذيب جي هڪ اهم مرڪز آمري وٽ سنڌو درياھ جي ٻوڏن ۽ منڇر ڍنڍ وسيلي زراعت جو سٺو نظام موجود هو. منڇر کي پنجن اهم جابلو ذريعن وسيلي پاڻي مهيا ٿيندو هو. ان ايراضيءَ ۾ پڻ ڪڻڪ، جَوَ ۽ ٻيون جنسيون پوکيون وينديون هيون. مڇيءَ جي پيداوار بہ جام هئي“.(8)

زرعي سرشتي جو اهم اوزار ’هر‘ رهيو آهي، هر وسيلي زمين کيڙي، ان کي نرم ڪيو ويندو آهي، ان کان پوءِ ضرورت آهر پاڻي ڏئي کي فصل پاڻيءَ ۾ تہ کي وري پاڻي خشڪ ٿيڻ کان پوءِ پوکيا ويندا آهن. سنڌي لفظ ’هاري‘ هر جو اسم فاعل آهي. عام طور سنڌ ۾ ’هاري ناري‘ چيو ويندو آهي. هاري معني هر هلائيندڙ ۽ ناري معني ’نار‘ هلائيندڙ. نار بہ سنڌ ۾ آبپاشيءَ جو قديم ترين اوزار رهيو آهي. پنهور صاحب پنهنجي ذڪر ٿيل ڪتاب ۾ ڄاڻايو آهي تہ ”3000 ق. م کان نار سنڌ جي مختلف خطن ۾ استعمال هيٺ رهيو آهي. ڪنهن دور ۾ يونان واري خطي ۾ بہ سنڌي نار استعمال ٿيندو هو“.(10)

هر عام طور ڏاندن جي جوڙي وسيلي ڏنو ويندو آهي، پر ڪن علائقن ۾ ڪونهن ۽ انن وسيلي بہ ڪاهيو ويندو آهي، آڳاٽي دور ۾ هر ڏيڻ کان پوءِ وڏن پٿرن ۽ ڦوهڙن کي عورتون وتوهڙن سان پيچي سنهو ڪنديون هيون.

رسالي ۾ استعمال: شاھ سائين پنهنجي رسالي جي سر سارنگ ۾ ان جو ٻن ٽن هنڌن تي ذڪر ڪيو آهي:

**”اڄ پڻ اتر پار ڏي، تاڙي ڪئي تنوار،**
**هارين ’هر‘ سنباهيا، سَرها ٿيا سنگهار،**
**اڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا“**

**سمجهاڻي:** شاھ صاحب فرمائي ٿو تہ اڄ بہ اُترواري پاسي تاڙي پکيءَ ٻوليو آهي، هاڻي مينهن وسڻ جي موسم شروع ٿي چڪي آهي. هارين پنهنجا هر تيار

ڪري ورتا آهن، جيئن مينهن پوندو تہ هو ڏينهن بن ۾، هر ڪٽي زمين پيڙا ٿيندا. مينهن سبب سنگهار ڏاڍا خوش ٿيا آهن. هاڻي فصل پوڪبا، ماڻهو خوشحال ٿيندا ۽ مال لاءِ گاهہ پنو بہ جام ٿيندو. ان حوالي سان ڪجهہ پهاڪا ۽ چوڻيون هيٺ ڏجن ٿيون:

**"جيترو هر، اوترو ڦر"**

يعني زمين کي نرم رکڻ لاءِ جيترا پيرا هر ڏبو، اوتروئي ڦر يعني فصل وڌيڪ ٿيندو.

**"اتم کيتي وڏندڙو واپار، نيچ نوڪري، پنڻ بيڪار".**

سنڌ جي زرعي ماحول ۾، کيتيءَ کي تمام گهڻي اهميت حاصل رهي آهي. ان کي بين شعبن/ڪرتن کان وڌيڪ پانيو ويندو آهي. ٻئي نمبر تي واپار کي بهتر سمجهيو ويندو هو ۽ پرائي در تي نوڪر ٿي گذارڻ کي گهٽ سمجهيو ويندو هو.

مٿي ڪن ثقافتي شين جو مختصر ذڪر ڪيو آهي، جڏهن تہ ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ اسان کي سوين مثال ملندا، جن ۾ ڪائڻ، پيڻ، هنڊائڻ ڪانسواءِ عام واهپي جون شيون، پوشاڪ، زيور، ريتون، رسمون، وغيره اچي وڃن ٿيون، جن تي اڄ جي مشيني دور سبب لٽ چڙهندو پيو وڃي. جنهن سبب اڄ جو نئون نسل انهيءَ ثقافتي ورثي کان بي خبر پيو ٿيندو وڃي.

سجاڳ ذهنن ۽ پنهنجي ثقافت جو اونو رکندڙ عالمن جو فرض آهي تہ اُهي پنهنجي ڪوجنا، چترڪاري، فوٽوگرافي ۽ وڊيوگرافيءَ وسيلي انهن کي نہ صرف محفوظ بنائين پر ٻيءَ دنيا آڏو بہ اجاگر ڪن. ان طريقي سان ئي پنهنجي هزارين سالن واريءَ ثقافت کي محفوظ بنائي سگهجي ٿو.

حوالا:

1 . Baloch, N. A, Article: "Traditional Cultures in West-Pakistan," Hyderabad, Sindh University Journal of Education Vol.III, January, 1963, P.3

2. الانا غلام علي ڊاڪٽر "سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا" سنڌي لينگويج اٿارٽي، حيدرآباد. 2006- ص 3-2

3 . سراج. "سنڌي ٻولي"، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد. سال 2009ع. صفحو 43-142.

4 . شيخ خليل الرحمان "سنڌي موسيقيءَ جا سرتار"، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2011ع، ص133

5. Panhwar M.H: "Six Thousand Years of History of Irrigation in Sindh" Culture Department, Government of Sindh, 2011 P- 24

6 آڏواڻي ڀيرومل مهرچند "قديم سنڌ" سنڌي ادبي بورڊ جامشورو 1980-ص215
7 . Marshall, John Sir: "Mohen Jo Daro and the Indus Civilization" 2nd Edition, Culture Department, Government of Sindh, 2012, Vol : 1- Page-27
8 . Panhwar M.H: "Six Thousand Years of History of Irrigation in Sindh" Culture Department, Government of Sindh, 2011 P- 61
9. شيخ ٻانهون خان "شاھ جو رسالو" شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي، يونيورسٽي، سال- 2002ع
10 . Panhwar M.H: "Six Thousand Years of History of Irrigation in Sindh" Culture Department, Government of Sindh, 2011 P- 24,25